قرآني بيان

# آقا جو شانِ خَتّمِ نبوت

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ

12-September-2025

## جمعة المبارک جو

(For Islamic Brothers)



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۽ شعبہ امامِ مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
12 سيپٽمبر، 2025ء (اسلامي تاريخ: 19 ربيعُ الاول، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# آقا جو شانِ خَتْمِ نبوت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- ✿… لوحِ محفوظ ۽ عقيدهءِ ختمِ نبوت
- ✿… مون کان پوءِ ڪو نبي يا رسول ناهي
- ✿… ختمِ نبوت جي مُنڪرن جو عبرتناڪ انجام
- ✿…قاديانين جا حربا

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيِّيْن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

شفاعت فرمائڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو مون تي صبح ۽ شام 10، 10 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهي، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شَفاعت ملندي.(1)

همیں جائیں گے خُلد میں سب سے پہلے | نبی کے ہیں ہم اور جنت نبی کی
بنائے گئے ہم شفاعت کی خاطر | ہمارے لیے ہے شفاعت نبی کی (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِى الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم) الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَاۤ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ط وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِيْمًا ﴿۴۰﴾ (سيپارو:22، سورة الاحزاب:40)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

1... الترغيب والترهيب، كتاب نوافِل،الترغيب فی آيات و اذكار...الخ، صفحہ:223، حديث:29۔
2... قبالۂ بخشش، صفحہ:313۔

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 22، سورة اَحْزاب جي آيت: 40 ٻڌڻ جي سَعَادت حاصل ڪئي، اَلحمدُ لله! قرآنِ ڪريم جون تقريباً 100 جي قريب آيتون آهن، جن مان عقيدهٔ ختمِ نبوت ثابت ٿئي ٿو، انهن مان هڪ هي آيتِ ڪريمہ آهي، جنهن ۾ بلڪل صاف لفظن ۾، نهايت واضح انداز ۾ عقيدهٔ خَتْمِ نبوت جو بيان آهي.

## آيتِ ڪريمہ جو شانِ نزول

آيتِ ڪريمہ جو شانِ نزول ڪجهہ هن طرح آهي تہ حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جيڪي صحابيءِ رسول آهن، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اجا نبوت جو اعلان نہ فرمايو هو، ان کان پهريان ئي پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت زيد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي پنهنجو وات سان چيل پٽ بڻائي ڇڏيو هو.

اسان جي شريعت ۾ وات سان چيل پٽ جي حيثيت الڳ آهي ۽ حقيقي پٽ جي حيثيت الڳ آهي، انهن ٻنهي جا اَحڪام جدا جدا آهن، پردي جي معاملن ۾، وراثت وغيره جي معاملن ۾ وات سان چيل پٽ ڪنهن بہ طرح حقيقي پٽ جي برابر (Equal) ناهي پر زمانءِ جاهليت ۾ اهو تَصَوُّر موجود هو تہ ماڻهو وات سان چيل پٽ کي بہ حقيقي پٽ ئي سمجهندا هئا. ان ڪري ماڻهو حضرت زيد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي زيد بن مُحَمَّد چئي سڏيندا هئا. جڏهن اسلام آيو تہ جتي ٻين ڪيترين ئي بُرائين کي ختم ڪيو ويو، اتي دورِ جاهليت جي هن غلط نظريي (Wrong Concept) کان بہ روڪيو ويو، سُورهءِ احزاب ۾ باقاعده طور تي تفصيل سان اهو بيان ڪيو ويو تہ وات سان چيل پٽ حقيقي پٽ جيان ناهي. انهيءَ سلسلي ۾ هي آيتِ ڪريمہ بہ نازل ٿي،[1]

الله پاڪ فرمايو:

مَاكَانَ مُحَمَّدٌ اَبَاۤ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ
(سيپارو:22، سورة الاحزاب:40)

ترجمو ڪنزُ العرفان: محمد توهان جي مردن مان ڪنهن جو پيءُ نہ آهي.

1... تفسيرِ ڪبير، پاره:22، الاحزاب، زيرِ آيت:40 ، جلد:9 ، صفحه:171 خلاصةً۔

رِجَالٌ، رَجُلٌ جي جمع آهي، رَجُلٌ جي معنيٰ آهي: مرد. ننڍي بار کي عربي ۾ صَبِيٌّ يا غُلَامٌ چوندا آهن، جيڪو وڏي عمر جو شخص هجي، ان کي رَجُلٌ چيو ويندو آهي. اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ربّ ڪريم 3 پٽ عطا فرمايا: (1): حضرت قاسم (2): حضرت عبدالله (3): ۽ حضرت ابراهيم رَضِيَ اللهُ عَنْهم هي ٽيئي شهزادا ننڍپڻ (Childhood) ۾ ئي دنيا مان پردو فرمائي ويا هئا، انهن مان ڪو به ان عمر کي نہ پهتو جو ان کي رَجُلٌ چيو وڃي. ان ڪري فرمايو ويو: اي انسانو! توهان حضرت زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي اسان جي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حقيقي پٽ سمجهو ٿا، ان کي زيد بن مُحَمَّد چئي سڏيو ٿا، جڏهن تہ سچائي هي آهي تہ محمد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان مان ڪنهن بہ مرد جو والد ناهي. زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن جا حقيقي نہ پر وات سان چيل پٽ آهن. (1)

وڌيڪ فرمايو:

وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَؕ
(سيپارو:22، سورة الاحزاب:40)

**ترجمو ڪنزُ العرفان:** پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وني اچڻ وارو آهي.

يعني اسان جا محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن مرد جا حقيقي والد ناهن پر روحاني طور تي قيامت تائين ايندڙ سڀني مسلمانن لاءِ والد ڪان بہ گهڻو وڌيڪ آهن، پاڻ الله پاڪ جا رسول آهن ۽ سڀني نبين ۾ آخري نبي آهن. (2)

فتحِ بابِ نبوت پہ بے حد درود | ختمِ دَورِ رِسالت پہ لاکھوں سلام (3)

**وضاحت:** اي اها ذات جن سان نبوت جو دروازو کوليو ويو، يعني جن کي سڀ کان پهريان نبوت جو تاج عطا ٿيو (جو حديثِ پاڪ ۾ آهي: كُنْتُ نَبِيًّا وَّ آدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ، مان ان وقت بہ نبي هئس، جڏهن آدم عَلَيْهِ السَّلَام اجا رُوح ۽ جسم

1... تفسيرِ ڪبير، پاره:22، الاحزاب، زيرِ آيت:40، جلد:9، صفحه:171 خلاصةً.
2... تفسيرِ ڪبير، پاره:22، الاحزاب، زيرِ آيت:40، جلد:9، صفحه:171 خلاصةً.
3...حدائقِ بخشش،صفحه:296.

جي وچ ۾ هئا[1]، اوهان تي بيحد درود هجن ۽ اي اها ذات جن تي رسالت ختم ڪئي وئي تہ اوهان کي آخري نبي ۽ آخري رسول بڻائي موڪليو ويو، اوهان تي لکين سلام هجن.

مُحَمَّدِ مصطفٰے! سب سے آخری نبی! احمدِ مجتبیٰ! سب سے آخری نبی!
آمنہ کا لاڈلا! سب سے آخری نبی! شاہِ ہر دوسرا! سب سے آخری نبی!
تاجدارِ انبیا! سب سے آخری نبی! ہیں حبیبِ کبریا! سب سے آخری نبی!
عقیدہ سب صحابہ کا! سب سے آخری نبی! عقیدہ اَہْلِ بیت کا! سب سے آخری نبی!
عقیدہ غوثِ پاک کا! سب سے آخری نبی! اَولیا نے بھی کہا! سب سے آخری نبی!
ہیں شفیع الْوَرا! سب سے آخری نبی! عاصیوں کا آسرا! سب سے آخری نبی!
ہے عقیدۂ رضا! سب سے آخری نبی! نعرہ ہے عطّار کا! سب سے آخری نبی!

## احاديث ۾ ختمِ نبوت جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! قرآنِ ڪريم ۾ ڪيتري وضاحت سان ۽ بلڪل صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان آخري نبي آهن، اوهان کان پوءِ قيامت تائين ڪو بہ نئون نبي نہ ٿو اچي سگهي.

اهڙيءَ طرح احاديث ۾ بہ عقيدهءِ خَتْمِ نبوت کي وڏي وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي، اچو! 4 مبارڪ حديثون ٻڌون ٿا:

## (1): لوح محفوظ ۾ عقيدهءِ ختمِ نبوت

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب مسلم شريف ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، مُحَمَّدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ زمين ۽ آسمان جي پيدائش کان 50 هزار سال پهرين مخلوق جي تقدير لکي، ان وقت لوحِ محفوظ تي جيڪو ڪجهہ لکيو ويو، ان ۾ هي بہ هو: اَنَّ مُحَمَّدًا خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ، بيشڪ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان آخري نبي آهن.[2]

---

1 ...مصنف ابن شيبہ، كتاب المغازی، ما جاء فی مبعث النبی صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، 438/8، حديث:1۔

2 ... مسلم،كتاب القدر،باب حِجاج آدم و موسىٰ عليهما السَّلام ،صفحہ:1023،حديث:2653۔

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحمَّدِ مصطفٰے! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| اعتقادِ فاطمہ! | سب سے آخری نبی! | ہے یقینِ عائشہ! | سب سے آخری نبی! |
| شیخ وشاب نے کہا! | سب سے آخری نبی! | بچہ بچہ بول اٹھا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ غوثِ پاک کا! | سب سے آخری نبی! | اَولیا نے بھی کہا! | سب سے آخری نبی! |

## (2): نوراني محل جي آخري سر

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتابن: بخاري، مسلم، ترمذي ۽ مسندِ احمد ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجي ۽ مون کان پهرين نبين جي مثال (Example) ان شخص وانگر آهي جنهن هڪ تمام حسين و جميل گهر ناهيو پر ان جي هڪ ڪُنڊ (Corner) ۾ هڪ سر جي جاءِ ڇڏي ڏني، ماڻهو ان جي چوڌاري ڦرڻ لڳا ۽ تعجب سان چوڻ لڳا ته هن هي سر ڇو نه رکي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مان اها (آخري) سر آهيان ۽ نبين ۾ آخري نبي آهيان. [1]

ٻي روايت ۾ آهي: ان سر جي جاءِ (کي پورو ڪرڻ وارو) مان آهيان، مان آيس ته نبين (جي سلسلي) کي ختم (يعني مڪمل) ڪري ڇڏيو. [2]

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي پياري مثال آهي، نبوت ڄڻ نوراني محل آهي، حضرات انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ڄڻ ان جون نوراني سرون آهن، حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄڻ ان محل جي آخري سر آهن، جنهن تي هن عمارت جي تڪميل ٿي، ان مان معلوم ٿيو ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي آهن، اوهان جي زماني ۾ يا اوهان کان پوءِ ڪو نبي ناهي. [3]

ہیں وہ قصرِ نبوت کی اینٹ آخری
قولِ شاہِ دنا، خاتمُ الانبیا

---

1 ... بخاری،کتاب المناقب،باب خاتم النبیین،صفحہ:903،حدیث: 3535 ۔
2 ... مسلم،کتاب الفضائل،باب ذکر کونہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم...الخ،صفحہ:901،حدیث:2287۔
3 ... مرآۃ المناجیح،جلد:8 ،صفحہ:7،بتغیر قلیل۔

## (3) مون ڪان پوءِ ڪو نبي يا رسول ناهي

حضرت اَنس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، سرڪارِ دو عالَم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ رسالت ۽ نبوت ختم ٿي وئي، هاڻي مون کان پوءِ نه ڪو رسول آهي نه ڪو نبي.[1]

## (4): مون ڪان پوءِ ڪو نبي ناهي

مسلمانن جا چوٿان خليفه حضرت علي المرتضيٰ، شيرِ خُدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان بيمار هيس، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خِدْمت بابرڪت ۾ حاضر ٿيس، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي پنهنجي جاءِ تي بيهاريو ۽ پاڻ نماز ۾ مصروف ٿي ويا، پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي چادر مبارڪ جو ڪجهه حصو مون تي وجهي ڇڏيو، (نماز کان پوءِ) فرمايائون: اي علي! تون نيڪ ٿي وئين، تو تي ڪا تڪليف ناهي، مون الله پاڪ کان جيڪو ڪجهه پنهنجي لاءِ گهريو، تنهنجي لاءِ به گهريو ۽ مون جيڪو ڪجهه چاهيو، اللّٰه پاڪ مون کي عطا فرمايو، پر مون کي هي فرمايو ويو ته لَانَبِیَّ بَعۡدَكَ يعني اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان کان پوءِ ڪو نبي ناهي. حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مان ان وقت ئي اهڙو تندرست (Healthy) ٿي ويس ڄڻ ته بيمار ئي نه هئس.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تمام مشهور، تمام مختصر ۽ عقيدهءِ ختمِ نبوت کي بلڪل واضح ۽ صاف صاف بيان ڪندڙ وڏي پياري حديثِ پاڪ آهي : لَانَبِیَّ بَعۡدِی، مون کان پوءِ ڪو نبي ناهي. بلڪل اهي ئي لفظ يا ان سان ملندڙ جلندڙ، اهڙي ئي معنيٰ ۽ مفهوم جا لفظ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو نه پر بار بار، ڪيترن ئي موقعن تي ارشاد فرمايا. تنهنڪري ڪوشش ڪري هي مختصر حديثِ پاڪ اسان کي به ياد ڪري وٺڻ گهرجي ۽ ٻارن کي به ياد ڪرائڻ گهرجي، حديث شريف آهي :لَانَبِیَّ بَعۡدِی، مون کان پوءِ ڪو نبي ناهي.[3]

---

1... ترمذی،کتاب الرؤیا عن رسول اللہ ،باب ذہبت النبوّة وبقیت المبشرات،صفحہ:546،حدیث:2272۔
2 ...کنز العمال،کتاب الفضائل ،فضائل الصحابہ،جز:13 ،جلد:7،صفحہ:74،حدیث:36509۔
3 ...مسلم،کتاب الامارة،باب وجوب الوفاء ببیعۃ الخلفاء الاول فالاول،صفحہ:739،حدیث:1842 ۔

خُود میرے نبی نے بات یہ بتادی:لَا نَبِیَّ بَعْدِی!

ہر زمانہ سُن لے یہ نوائے ہادِی:لَا نَبِیَّ بَعْدِی!

## باھ بلڪل اثر نہ ڪيو

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآني آيت ۽ انهن احاديث ڪريمہ مان ثابت ٿئي ٿو تہ عقيدهءِ خَتْمِ نبوت بلڪل سچو ۽ واضح عقيدو آهي، ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڳجهارت ناهي، نہ ئي ان ۾ ڪنهن ٻي راءِ جي ڪا گنجائش آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! شروع کان ئي مسلمان هن عقيدي تي قائم آهن، بلڪ تاريخ ۾ جنهن جنهن بدبخت بہ هن عقيدي تي ڌاڙو هڻڻ، نبوت جو ڪوڙي دعويٰ ڪرڻ جي جرئت ڪئي آهي، هر دور ۾ مسلمان پنهنجي قُوَّتِ ايماني سان انهن کي منهن ٽوڙِ جواب ڏيندا آيا آهن. مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صِدّيق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي دورِ خلافت جي ڳالهہ آهي، يمن جو هڪ بدبخت هو، جنهن کي اَسْود عنسي چوندا هئا، هن بدانجام نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪري رکي هئي ۽ پنهنجي ڪوڙي نبوت جي تبليغ ڪندو رهندو هو، ڪجهہ عرصي تائين يمن ۾ ان جو فتنو ڦهليل رهيو، هي ماڻهن تي ظلم ڪندو هو ۽ انهن کي مجبور ڪري پنهنجو ڪلمو پڙهائيندو هو.

حضرت ابو مسلم خولاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جن کي هن اُمَّت جو حڪيم (يعني تمام عقلمند ۽ داناءُ شخص) چيو ويو آهي،[(1)] پاڻ تابعي آهن، پاڻ بہ يمن ۾ ئي رهندا هئا. هڪ ڏينهن اَسْود عنسي ڪين زبردستي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ پڇيائين: ڇا تون گواهي ڏئين ٿو تہ مُحَمَّد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) اللّٰه جا رسول آهن؟ فرمايائون: هاء بلڪل. (حضرت مُحَمَّد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اللّٰه پاڪ جا سچا نبي آهن، منهنجا آقا آهن، مان سندن تي ايمان رکان ٿو.) اسود وري پڇيو: ڇا تون گواهي ڏئين ٿو تہ مان اللّٰه جو رسول آهيان؟ پاڻ (وڏي سادگيءَ سان) فرمايو: مون نہ ٻڌو تہ تون ڇا ٿو چئين. هي ٻڌي اسود عنسي کي تمام گهڻو غصو آيو، هن فوري طور تي حڪم جاري ڪيو تہ هڪ وڏي ۽ خوفناڪ باهہ

1...حلية الاولياء،جلد:2،صفحہ:145۔

(Fire)ٻاري وجي. ان جي چيلن فوري طور تي باھ ٻاري. ھاڻي ھن حڪم ڏنو: ابو مسلم کي ھن ٻرندڙ باھ (Blazing Fire) ۾ وجھي ڇڏيو. پوءِ سندن ان ٻرندڙ خوفناڪ باھ ۾ وِڌو ويو.

پر واھ! سُبْحٰنَ اللہ! جيئن الله پاڪ حضرت ابراھيم عَلَيْهِ السَّلَام تي باھ کي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٻڻائي ڇڏيو ھو، اھڙيءَ طرح حضرت ابومسلم خولاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي لاءِ بہ باھ سلامتي واري ٿي وئي، الله پاڪ جي فضل سان پاڻ صحيح سلامت باھ مان ٻاھر تشريف وٺي آيا. ھي حيرت انگيز منظر ڏسي اسود عنسي کي پنھنجي ڪوڙي نبوت جي فڪر ٿيڻ لڳي، ان کي خطرو لاحق ٿيو تہ جيڪڏھن ھي معاملو مشھور ٿي ويو تہ ماڻھو منھنجي نبوت کي ھرگز نہ مڃيندا، ان ڪري ھن انھن کي جلاوطن ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ مدينۂِ منوره حاضر ٿيا. (1)

## عقيدهءِ خَتمِ نبوت جي اھميت

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي ڳالھ ھميشہ ياد رکو تہ عقيدهءِ خَتْمِ نبوت ڪو معمولي اھميت جو عقيدو ناھي، بلڪ ھي ضرورياتِ دِين مان آھي، يعني اسلام ۾ جيڪا اھميت عقيدهءِ تَوحِيد جي آھي، اھا ئي اھميت عقيدهءِ خَتْمِ نبوت جي بہ آھي، مسلمان ٿيڻ لاءِ جيئن لَاۤاِلٰهَ اِلَّا الله جو اقرار ڪرڻ ضروري آھي، اھڙيءَ طرح پياري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آخري نبي مڃڻ بہ ضروري آھي. ڪلمہ طَيّبہ جيڪو پڙھي ڪافر مسلمان ٿئي ٿو: لَاۤاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله، ھن ڪلمي ۾ جيڪو لفظ مُحَمَّد آھي، ان مان مراد ڪو ٻيو نہ بلڪ اھو محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مراد آھي، جن جي سر تي ربّ ڪائنات خَاتَمُ النَّبِيّن جو تاج سجايو آھي، ان ڪري جيڪو ٻانھو ڪلمہ طيبہ تہ پڙھي پر حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي آخري نبي نہ مڃي، اھو ھرگز، ھرگز مسلمان نہ ٿو ٿي سگھي.

1...حلية الاولياء،جلد:2،صفحه:150 - 151 ملتقطًا

بعد آپ کے ہر گز نہ آئے گا نبی نیا — واللہ! اِیماں ہے مرا، اے آخری نبی

عقیدہ سب صحابہ کا! — سب سے آخری نبی! — عقیدہ اَہْلِ بیت کا! — سب سے آخری نبی!

عقیدہ غوثِ پاک کا! — سب سے آخری نبی! — اَوْلیا نے بھی کہا! — سب سے آخری نبی!

ہے عقیدۂ رضا! — سب سے آخری نبی! — نعرہ ہے عطّار کا! — سب سے آخری نبی!

## ختمِ نبوت جي منڪرن جو عبرتناڪ انجام

پيارا اسلامي ڀائرو! تاريخ (History) گواهه آهي، جنهن به پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ختمِ نبوت جو انڪار ڪيو ۽ ان تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ان جو انجام نهايت عبرتناڪ ٿيو، آخرت ۾ ان لاءِ جيڪا ذلت آهي، اها ته آهي، الله پاڪ اهڙن کي دنيا ۾ به ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيندو آهي.

## قبر ڦاٽي پئي

پاڪستان جي شهر ڊيره غازي خان جي هڪ ڳوٺ الہ آباد ۾ هڪ گستاخ ۽ بدزبان شخص رهندو هو، جيڪو نه صرف ختمِ نبوت جو انڪاري هو، بلڪ جتي موقعو ملندو هو، پنهنجي غلط عقيدي جي تبليغ ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو هو، عقيدهءِ ختمِ نبوت بابت تمام گهٽو بڪواس ڪندو هو. انسان ڪجهه به ڪري، آخر موت ته اچڻو ئي آهي، خدا کي منهن ته ڏيکارڻو ئي آهي، ان بدبخت جو به موت آيو، هڪ ڏينهن هي اهڙيءَ طرح عقيدهءِ ختمِ نبوت بابت بڪ بڪ ڪندي مري ويو. جيڪي ماڻهو ان جا هم خيال هئا، اهڙو ئي عقيدو رکندڙ هئا، انهن ان گستاخ کي مسلمانن جي قبرستان ۾ دفن ڪرڻ جو خفيہ پروگرام ناهيو، پر اها خبر مسلمانن تائين پهچي وئي، مسلمانن علائقي جي پوليس سان رابطو ڪيو ۽ ان کي مسلمانن جي قبرستان ۾ دفن ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو. پوءِ ان گستاخ کي الڳ زمين ۾ ئي دفن ڪيو ويو، جيئن ئي ان کي قبر ۾ لاٿو ويو، ماڻهو اڃا واپس ئي موٽيا هئا ته قبر ۾ باهه ڀڙڪي اٿي، ان جي قبر مان اٿندڙ باهه جا شعلا 3 ڏينهن تائين نظر ايندا رهيا، ماڻهو ان کي ڏسي عبرت وٺندا رهيا، آخر 3 ڏينهن کان

پوءِ قبر ڦاٽي پئي ۽ اتي هڪ تمام وڏو ڪڏو ٺهجي ويو. خبر ڦهلجي وئي ۽ ماڻهو پري پري کان ان عبرتناڪ منظر کي ڏسڻ ايندا رهيا، آخر ان کڏي کي پٿرن سان پريو ويو.

وہی دُھوم اُن کی ہے ما شَآءَ الله! | مٹ گئے آپ مٹانے والے(1)

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحَمَّدِ مصطفٰے! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبٰی! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی! |
| ہے عقیدۂ رضا! | سب سے آخری نبی! | نعرہ ہے عطّار کا! | سب سے آخری نبی! |

## جڏهن هڪ قادياني جي قبر کوٽي وئي

پاڪستان جي شهر تونسہ شريف جو واقعو آهي. هڪ وڏو امير ڪبير قادياني هو (قادياني ان کي چوندا آهن جيڪي مرزا غلام احمد قادياني کي نبي مڃين ٿا، انهن کي مرزائي ۽ احمدي بہ چيو ويندو آهي، قادياني ختمِ نبوت جا منڪر ۽ ڪافر و مرتد آهن، جڏهن هي قادياني مري ويو تہ) قاديانين ان کي مسلمانن جي مسجد جي صحن ۾ (يعني نماز پڙهڻ جي جاءِ کان هٽي چوديواري جي اندر) دفن ڪري ڇڏيو. مسلمانن کي ان تي وڏي غيرت آئي تہ هڪ قادياني جيڪو تاجدارِ ختمِ نبوت جو منڪر هجي، الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گستاخ هجي، ان کي مسلمانن جي مسجد جي چوديواري جي اندر دفن ڪيو وڃي. ان ڪري حڪومتي ادارن کان مطالبو ڪيو ويو تہ ان مرتد کي مسجد مان فوري طور تي ڪڍيو وڃي. ڪافي محنتن کان پوءِ آخر مسلمانن جو مطالبو مڃيو ويو ۽ حڪومت حڪم جاري ڪري ڇڏيو تہ ان کي مسجد مان ڪڍي ڪٿي ٻئي هنڌ دفن ڪيو وڃي. هاڻي ان جي قبر کولي وئي.

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:161۔

الله! الله! جيئن ئي ان بدانجام جي قبر کلي، بدبوءِ جو هڪ طوفان اٿيو ۽ پوري علائقي ۾ ڦهلجي ويو، ايتري شديد بدبوءِ هئي جو ماڻهن جا متا چڪرائجي ويا ۽ اڪين مان پاڻي نڪري آيو. ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي. انتهائي غليظ ۽ ڪٽيل قاتل لاش جڏهن قبر مان ڪڍيو ويو ته قبر کوٽڻ وارا به ڏڪي ويا. خير، جيئن تيئن ڪري گندي لاش کي ڪڍي قاديانين جي حوالي ڪيو ويو. هاڻي قاديانين ان کي پنهنجي ڪنهن گهر جي صحن ۾ دفن ڪري ڇڏيو. ان مان نڪرندڙ بدبوءِ اڃا به ڦهلجي رهي هئي، ڪجهه ئي ڏينهن ۾ گهر ۾ اهڙي سخت بدبوءِ ڦهلجي جو گهر ۾ رهڻ مشڪل ٿي پيو. آخرڪار قاديانين تنگ اچي ان کي اتان به ڪڍيو ۽ پري ڪٽي فصلن ۾ دفن ڪري ڇڏيو. اکين ڏٺو حال ڄاڻڻ وارا چون ٿا: جڏهن ٻئي ڀيري ان منڪرِ ختمِ نبوت کي ڪڍيو ويو ته ان مان نڪرندڙ بدبوءِ ڪيترن ميلن تائين ڦهلجي وئي ۽ ماڻهو ڪيترن ئي ڏينهن تائين ان بدبوءِ کي محسوس ڪندا رهيا. هن عبرتناڪ واقعي کي ڏسي ڪيترائي قادياني مسلمان ٿي ويا، جن مان ڪجهه مئل جي خاندان مان به هئا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحَمَّدِ مصطفٰے! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبٰی! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی! |

## قبر نانگن سان ڀرجي وئي

اهڙيءَ طرح سيالڪوٽ جو واقعو آهي، اتي هڪ رمضان نالي شخص هو جيڪو قبرون کوٽيندو هو، ان جو چوڻ آهي: هڪ ڏينهن مون وٽ ڪجهه قادياني آيا ۽ مون کي هڪ قبر کوٽڻ لاءِ چيو، مون کي معلومات نه هئي ته قادياني ڪير هوندا آهن؟ ان ڪري مون قبر جي کوٽائي ڪري ڇڏي، جڏهن اهي قادياني ماڻهو پنهنجي مردي کي دفنائڻ لاءِ آيا ته مون ۽ اتي موجود سيني حاضرين پنهنجي اکين سان ڏٺو ته اوچتو قبر نانگن سان ڀرجي وئي،

هڪ ڪان پوءِ هڪ نانگ نہ ڄاڻ ڪٿان ايندو رهيو هو، ان وقت ئي آنڌي بہ هلڻ لڳي ۽ ان سان گڏ ئي قبر مان باهہ جا شعلا بہ اٿڻ شروع ٿي ويا.

هاڻي انهن قاديانين مون کي هڪ ٻي قبر کوٽڻ جو چيو، مون هڪ ٻي جاءِ تي کوٽائي ڪري ڇڏي، جيئن ئي ان قبر ۾ ان گستاخ قادياني کي دٻائڻ لڳا تہ ان مان انتهائي خوفناڪ آواز اچڻ شروع ٿي ويا، جن کي ٻڌي سيئي مُردي کي اتي ئي ڇڏي ڀڄي ويا، ايتري تائين مردي جو اولاد بہ اتي نہ رهيا. ان گستاخ جي گندي لاش 3 ڏينهن تائين ائين ئي قبرستان ۾ پيل رهي، آخرڪار ماڻهن ان تي مٽي وجهي ان کي دٻائي ڇڏيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي منڪرينِ ختمِ نبوت جو عبرتناڪ انجام...!! اصل عذاب تہ اهو هوندو، جيڪو قيامت جي ڏينهن انهن کي ڏنو ويندو، البتہ الله پاڪ ڪڏهن ڪڏهن اهڙن جو انجام دنيا تي واضح فرمائي ٿو تہ جيئن ماڻهو عبرت وٺن ۽ اهڙين گستاخين کان هميشہ پري رهن.
الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، اسان کي عقيدهءِ ختمِ نبوت تي ۽ تمام اسلامي عقائد تي استقامت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قاديانين جا حربا

ياد رکو! قادياني ختمِ نبوت جا انڪاري آهن، مرزا غلام احمد کي نبي مڃيندا آهن ، قرآن ڪريم جا بہ منڪر آهن، حديثن جا بہ منڪر آهن، ڪيترن ئي انبياءِ ڪرام ۽ خاص ڪري اسان جي آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سخت ترين گستاخ آهن، هي بدبخت مسلمانن کي ڦڙڪائڻ لاءِ ڪيترائي حربا استعمال ڪندا آهن. هڪ رپورٽ مطابق هن وقت دنيا ۾ اسلام ۽ مسلمانن خلاف جيڪا لابي (Lobby) سڀ کان وڌيڪ ڪم ڪري رهي آهي اها قادياني آهن، هي بدانجام ميڊيڪل جون سهولتون فراهم ڪندا آهن، مفت علاج ڪندا آهن، ڪاڏو پيتو مهيا ڪندا آهن، رفاهِ عامہ (Public Welfare) جا (يعني خيرخواهي وارا) ڪم ڪندا آهن، ماڻهن کي ڪاروبار ڪرائيندا آهن، مهانگي ملڪن جا ويزا ڏياريندا آهن، اهڙيءَ طرح دنياوي لالچ ڏئي، ماڻهن

جي غربت جو ناجائز فائدو کڻي ويچارن سادن مسلمانن کي ڦاسائيندا آهن ۽ آهستي آهستي انهن کي قادياني بڻائي وٺندا آهن. عام عوام جيڪي دين جي وڌيڪ معلومات نہ ٿا رکن، اهي وڏي آساني سان انهن جي ڄارَ ۾ ڦاسي پنهنجو ايمان برباد ڪري ويهندا آهن. ان ڪري پنهنجو ايمان بچائڻ خاطر اسان سڀني تي لازم آهي تہ اسان پاڻ بہ علمِ دين سکون، پنهنجن ٻارن کي بہ سيکاريون، اسان سڀني جي ديني، ايماني ذميوارين مان اهم ترين ذميواري آهي تہ اسان پنهنجي ٻارن جي نس نس ۾ عقيدهٔ ختمِ نبوت وجهون. پنهنجي گهر وارن کي، ٻارن کي، پاڻٽين کي، پاٽيجن کي، مطلب تہ هر اهو ٻار جيڪو ڳالهائڻ ڄاڻي ٿو، ان کي هي عقيدو اهڙيءَ طرح ذهن ۾ ويهاري ڇڏيون جو انهن کي ننڊ مان جاڳائي بہ پڇيو وڃي تہ اهي هڪ ئي نعرو لڳائين.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحَمَّدِ مصطفٰے! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ غوثِ پاک کا! | سب سے آخری نبی! | اَوْلیا نے بھی کہا! | سب سے آخری نبی! |
| ہے عقیدۂ رضا! | سب سے آخری نبی! | نعرہ ہے عطّار کا! | سب سے آخری نبی! |

اَلْحَمْدُلِلّٰه! امير اهلسنّت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن اهي تمام پيارا نعرا ڏنا آهن، اهي نعرا پنهنجي ٻارن کي ياد ڪرايو، اميرِ اهلسنت جو رسالو آهي: ”سڀ کان آخري نبي“. هي رسالو حاصل ڪري وٺو! گهر ۾ ان جو درس ڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻي معلومات حاصل ٿيندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ ايمان جي حفاظت جو سامان بہ ٿي ويندو.

## جان ڏئي ڇڏي پر ايمان نہ وڪيو

مسيلمه ڪذاب نالي هڪ بدبخت هو، جنهن تاجدارِ ختمِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگي مبارڪ ۾ ئي نبوت جي ڪوڙي دعويٰ ڪري ڇڏي هئي، هڪ ڀيري هن بي لگام صحابي رسول حضرت حبيب بن زيد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي گرفتار ڪري ورتو. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان مسيلمه پڇيو: اَتَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ؟ ڇا

تون گواهي ڏئين ٿو تہ مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) الله جا رسول آهن. فرمايائون: ها، بلڪل مان گواهي ڏيان ٿو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن. مسيلمه وري پڇيو: اَتَشْهَدُ اَنِّیْ رَسُوْلُ الله؟ ڇا تون گواهي ڏئين ٿو تہ مان الله جو رسول آهيان؟ فرمايائون: منهنجا ڪن تنهنجي هي ڳالهه ٻڌڻ کان ٻوڙا آهن. مسيلمه کي هي ٻڌي غصو آيو، ان ڪري ان جي حڪم تي سندن هڪ ٻانهن ڪٽي وئي. مسيلمه پنهنجو سوال ورجايو: اَتَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّداً رَسُوْلُ اللهِ؟ ڇا تون گواهي ڏئين ٿو تہ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن. فرمايائون: ها، بلڪل مان گواهي ڏيان ٿو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله جا رسول آهن. وري پڇيائين: اَتَشْهَدُ اَنِّیْ رَسُوْلُ الله؟ ڇا تون گواهي ڏئين ٿو تہ مان الله جو رسول آهيان؟ فرمايائون: منهنجا ڪن تنهنجي هي ڳالهه ٻڌڻ کان ٻوڙا آهن. هاڻي سندن ٻي ٻانهن بہ ڪٽي وئي، مسيلمه وري پنهنجا سوال ورجايا، هاڻي بہ پاڻ اهي ئي جواب ڏنا. ان ڪري سندن هڪ ٽنگ (Leg) بہ ڪٽي وئي، وري مسيلمه اهي ئي سوال پڇيا.

هاڻي سندن ٻئي ٻانهون ڪلهن تائين ڪٽجي چڪيون هيون، هڪ ٽنگ بہ ڪٽجي چڪي هئي، جسم مان خون وهي رهيو هو، شدت جي تڪليف بہ ٿي رهي هئي پر قربان وڃجي! جذبۂ ايماني هو جو هاڻي بہ ڪمزور نہ ٿيو هو، پاڻ پوري جرئت سان هاڻي بہ اهي ئي جواب ورجايا، هاڻي سندن ٻي ٽنگ بہ ڪٽي وئي،[1] هڪ روايت ۾ آهي: آخرڪار مسيلمه ڪذاب انهن کي باهہ ۾ وجهرائي شهيد ڪري ڇڏيو، پاڻ آخري دم تائين اهو ئي چوندا رهيا: مان مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله جو رسول مڃان ٿو پر اي مسيلمه! تون الله جو رسول آهين، هي ڳالهه ٻڌڻ کان منهنجا ڪن ٻوڙا آهن.[2]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي جذبۂ ايماني...!! الله پاڪ اسان کي بہ اهڙو جذبو نصيب فرمائي. قادياني حربا استعمال ڪن ٿا، طرح طرح جون ڳالهيون ڪري، غلط دليل ڏئي ويچارن گهٽ علم وارن مسلمانن کي ڦڙڪائڻ جي ڪوشش ڪندا

1...اسد الغابہ فی معرفۃ الصحابہ،جلد:1،صفحہ:675 مفصلًا۔
2...تاریخ الخمیس،الخاتمہ ،الفصل الثانی من الخاتمہ،جلد:3،صفحہ:196 ۔

آهن، اِيمان تي وارُ ڪندا آهن، انهن جي هن فتني کان بچڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي، اهو ئي جيڪو حضرت حبيب بن زيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ اپنايو، پاڻ صاف صاف فرمائي ڇڏيو: اي مسيلمه! تون نبي آهين، منهنجا ڪن هي ڳالهه ٻڌڻ کان ٻوڙا آهن. يعني هي ڳالهه 100٪ فائنل آهي تہ مُحَمَّد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آخري نبي آهن، بس! ان کان پوءِ مون کي ڪا بي ڳالهه ٻڌڻي ئي ناهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مُحَمَّدِ مصطفےٰ! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ غوثِ پاک کا! | سب سے آخری نبی! | اَوْلیا نے بھی کہا! | سب سے آخری نبی! |
| ہیں شفیعُ الْوَرا! | سب سے آخری نبی! | عاصیوں کا آسرا! | سب سے آخری نبی! |

اَلْحَمْدُلِلّٰه! شيخ الاسلام و المسلمين سيدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جن بہ سڄي زندگي عقيدهءِ ختمِ نبوت تي پهرو ڏنو آهي، قاديانين ۽ بعض ٻين بدمذهبن لفظ خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ جون تمام گهڻيون تاويلون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، هن لفظ جا اهي معنيٰ جيڪي رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيان فرمايا آهن، انهن تي اعتراض اتاريا تہ الله پاڪ جي فضل سان هي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ئي هئا، جن انهن اعتراضن جا نهايت علمي جواب ڏنا، پاڻ عقيدهءِ ختمِ نبوت تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن ۽ انهن ۾ دليلن جا اهڙا انبار لڳايا آهن جو پڙهي مزي کي بہ مزو اچي وڃي ٿو.

اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو هڪ ڪمال هي بہ آهي تہ پاڻ نهايت خوبصورتي سان صرف هڪ شعر ۾ پوري عقيدهءِ ختمِ نبوت کي بيان ڪيو آهي، پاڻ لکن ٿا:

نہ رکھی گل کے جوشِ حُسن نے گلشن میں جا باقی | چٹکتا پھر کہاں غُنچہ کوئی باغِ رسالت کا[1]

1...حدائقِ بخشش،صفحه:37۔

**وضاحت:** اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائي رهيا آهن: الله پاڪ حڪيم آهي، ان جو ڪوبہ ڪم حڪمت کان بغير ناهي هوندو، نبي موڪلڻ بہ حڪمت تحت ئي هو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ ڪنهن نئين نبي جي ضرورت صرف ان صورت ۾ ئي سگهي ٿي جڏهن سندن آندل دين ۾ ڪا ڪمي رهجي وئي هجي پر اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هر لحاظ کان ڪامل ۽ اڪمل بڻايو آهي، ڪيس حُسن ڏنو تہ اهڙو جو زماني ۾ ڪنهن کي نہ مليو، ڪيس اعليٰ صفتون عطا فرمايون تہ ايتريون جو ختم ئي نٿيون ٿين، پاڻ کي معجزا ڏنا تہ ڪثرت سان ڏنا بلڪ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سراپا معجزو بڻائي موڪليو، سندن اخلاق کي ربّ ڪريم عظيم ڪيو، ڪين سيرت اهڙي باڪمال عطا فرمائي جو ان ۾ قيامت تائين ايندڙن لاءِ بهترين نمونو موجود آهي، ڪين شريعت عطا فرمائي تہ اهڙي جو ان ۾ قيامت تائين پيدا ٿيندڙ نون نون مسئلن جو حل موجود آهي، پهرين نبين کي جيڪي ڪتاب ۽ صحيفا عطا فرمايا، انهن ۾ ماڻهن پنهنجي طرفان تبديليون ڪري ڇڏيون، پنهنجي مرضي جون ڳالهيون انهن ۾ شامل ڪري ڇڏيون پر تاجدارِ ختمِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ربّ قدير ڪتاب بہ اهڙو عطا فرمايو جو قيامت تائين ان ۾ هڪ نقطي جي بہ تِبديلي ممڪن ناهي، مطلب تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم باغِ نبوت جو اهو حسين ترين گل آهن جو هن گل جي مهڪڻ کان پوءِ باغِ نبوت ۾ هاڻي ڪنهن نئين گل جي ضرورت ئي باقي ناهي رهي.

| | |
|---|---|
| شہِ انبیا ہے، خُدا کا ہے پیارا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے |
| مُحَمَّد ہے احمد، ہے سلطانِ بطحا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے |

## ماهنامه فيضانِ مدينہ ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: ماهوار فيضانِ مدينہ .(Mahnama Faizan e Madina) هن

ايپلي ڪيشن ۾ هينئر تائين جاري ٿي چڪا سڀ ماهوار PDF جي صورت ۾ موجود آهن، ان ڪان علاوه سيني ماهوارن جا مضمون (آرٽيڪل) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو، سهولت لاءِ سرچ آپشن (Search Option) به ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهوار جو ڪو مضمون وغيره ڳولهي به سگهجي ٿو. توهان به هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي به ترغيب (Motivation) ڏياريو.

## بيان کي اختتام طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** مسجد جو سامان ذاتي ضرورت لاءِ استعمال ڪرڻ جائز ناهي.
**وضاحت:** ماڻهو مسجد جا فرشي پکا، نُکون، پاڻي وارو پائپ، مسجد جا اسپيڪر، مسجد جي ڏاڪڻ وغيره ڪڏهن ڪڏهن ذاتي ڪمن لاءِ استعمال ڪندا آهن، ڪڏهن گهر وٺي ويندا آهن، پوءِ بعد ۾ واپس به ڏئي ويندا آهن ۽ جيڪا مسجد جي شيءِ استعمال ڪئي، ان جي بدلي ۾ مسجد ۾ پيسا وجهي ڇڏيندا آهن، هي غلط انداز آهي. ياد رکو! مسجد جون شيون جيڪي مسجد لاءِ ئي آهن، انهن کي پنهنجي گهر وغيره ۾ استعمال لاءِ وٺي وڃڻ شرعاً جائز ناهي بلڪ حرام ۽ گناهه آهي. ائين ڪرڻ وارا گنهگار ٿيندا آهن، انهن تي لازم آهي ته هن ڪم کان توبه ڪن ۽ آئنده ائين هرگز نه ڪن.[1] **بهارِ شريعت ۾ آهي:** مسجد جي ڪنهن ننڍي کان ننڍي شيءِ کي بي موقعي ۽ بي محل استعمال ڪرڻ ناجائز آهي.[2] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...فتاویٰ اہلسنت غیر مطبوعہ، فتاویٰ نمبر:lar:8310
[2]...بہارِ شریعت، جلد:2، صفحہ:561-562، حصہ:10۔

# اَسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَا شَكُوْرُ

جيڪو بہ 5 هزار ڀيرا يَا شَكُوْرُ پڙهندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قيامت جي ڏينهن بلند رتبو هوندو. (1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]...مدنی پنج سوره، صفحہ:251۔